ڊاڪٽر رُشدالله مخمور بخاري

# سُر سهڻيءَ ۾ مزاحمت ۽ روشن خياليءَ جو شعور


***Abstract:***

**Consciousness of Resistance and Enlightenment in Sur Sohni**

*The objective of this study is to analyze the role of Sohni in Shah jo Risalo and also why Shah Latif has presented her as a symbol of defying of all traditions, manners and rituals prevalent in the society. Shah Latif was born in an Agriculture society, wherein Feudalism and patriarchal system was predominant. In this system exploitation of Woman was common. Sat (chastity) was extreme symbol of honour. It was the duty of a woman to maintain her chastity. She was bound to accept any man as her husband, which was decided by her parents without respecting her wishes and longings. She was supposed to obey the orders of her husband, for that she might have to sacrifice her personality, emotions, happiness, etc. Her only objective of living was fixed to procreate children, maintain home and arrange meals, and fulfil every whim of her husband.*

*Bhitai Sahib appears opponent of these misdeeds and wrong traditions in his Risalo, and in the Sur Sohni, he has vehemently rejected these traditions. On the other hand, he has depicted Sohni as symbolic character, who opposes misogynist traditions, strives for achieving higher aims and fights for truth, without caring about her bodily and mind hardships goes ahead and reaches at its destiny. Bhitai through the character of Sohni has presented the enlightenment of Sindhi Society.*


**پس منظر:**

انساني شعور هر دور ۾ ارتقا پذير رهيو آهي، ڪڏهن ڏاڍو ڪڏهن ماٺو، ڪٿي تکو، ڪٿي ڍيمو، هن پنهنجا گس ۽ پيچرا جوڙيا آهن، انساني شعور جي طويل تاريخ جو مطالعو اڄ اسان کي هن نهج تي بيٺل ڏيکاري ٿو. ارتقا جو اهو سفر ڪلهه جيان اڄ به جاري آهي، جنهن تي هر علائقي جي جاگرافي، سماجي رسمن رواجن، موسمن ۽ مذهبن جو اثر رهندو آيو آهي، جيتوڻيڪ ”مذهب بذات خود مقصد ۽ مراد نه آهي،





ليڪن مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۽ نتيجن تي پهچڻ جو آلو ۽ اوزار آهي.“[1] شعور فلسفي کي جنم ڏئي ٿو ۽ فلسفو تضادن ڏانهن وٺي وڃي ٿو، جنهن کي اسان فڪري يا شعوري تضاد چئي سگهون ٿا ۽ تضاد ئي بنيادي طرح ڪنهن نئين فڪري ڏساءَ، ڏاهپ جي ڏس ۽ شعور جي گس ڏانهن وٺي وڃي ٿو، جنهن تائين پهچڻ لاءِ هڪ اوکو ذهني پنڌ ڪرڻو پوي ٿو، جنهن ۾ ڏاهپ ڏنگي ٿي فڪر منجهائي ٿو، شعور ساڃاهه جا سڀ طبق روشن ڪرڻ لاءِ هڏن مان مِک کي ڪوري ڪڍي ٿو ۽ پوءِ ئي ڪا علمي سمجهه ۽ ساڃاهه انساني ذهن کي هڪ نئين روشن ٿيل جهان ۽ جُڳ ۾ آڻي بيهاري ٿو.

نندو ڪنڌ پنهنجي جاگرافي، موسمي، لساني، سماجي، مذهبي سطح تي گهڻ رخي هجڻ سبب، شعور ۽ ڏاهپ جو ن به جدا جدا فڪري ڏارائون رکي ٿو ۽ سنڌ ان ۾ هڪ پنهنجي الڳ نرالي حيثيت جي مالڪ آهي. هن خطي تي قديم دور کان وٺي مختلف مذهبن جا اثر رهيا آهن، جنهن سبب سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڌين تي وسندڙ ماڻهن جي مزاج ۾، انهن سمورن مذهبن جا مختلف ۽ جدا جدا اثر محسوس ڪري سگهجن ٿا. مذهبي رواداريءَ کان ويندي سماجي ڀائيچاري تائينءَ جا اثرات، هن ڌرتيءَ جي ماڻهن جي خمير مان آسانيءَ سان پسي سگهجن ٿا. سنڌ جي ڪلاسيڪل ورثي اندر اسان پڻ اهڙا ڪيترائي آثار ڏسون ٿا، جن جي مطالعي جي آڌار تي انهن نقطن کي پرکي ۽ نروار ڪري سگهجي ٿو. قاضي قادن کان ويندي حضرت ميين شاهه عنات تائين سنڌي ڪلاسيڪل ورثي اندر، اُن شيءِ کي محسوس ڪرڻ يا سمجهڻ ڪو اوکو ڪم نه آهي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي فڪر جي اندر صوفيت جي سمورن فڪري سلسلن کان منفرد ۽ نرالو آهي، جنهن جو بنيادي نقطو انسان ۽ اُن جي شخصي آزادي ۽ ڪائنات ۾ مقرر ڪيل ان جي رتبي، مرتبي موجب ان جي حيثيت کي تسليم ڪرڻ آهي، جنهن بنياد تي هو پنهنجي ذات توڙي فڪر اندر آزاد ۽ خود مختيار آهي. منجهس اها سگهه موجود آهي جنهن تي هو هر غلط عمل (جيڪو ڪائنات جي ازلي اصولن جو مخالف هجي) جي نفي ڪرڻ جو اختيار رکي ٿو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، نندي ڪنڌ ۾ جنهن بحراني دور ۾ پيدا ٿيو ان دور ۾ هن خطي اندر، هن پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي جيڪو فڪر پيش ڪيو، اهو باغيانه ۽ مزاحمتي هو پر ڀٽائيءَ جو ڪمال اهو آهي ته، هن ان جلالي فڪر کي جمالي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. اها ئي انفراديت ۽ نواڻ سندس ذهني پختگي ۽ شعور جي اعليٰ بلندين

جو ڏيک ڏئي ٿي. علي عباس جلالپوري پنهنجي ڪتاب ’خرد نامہ جلالپوريءَ‘ ۾ اسلوبِ بيان جي حوالي سان لکي ٿو: ”لکڻ واري جو ذهن جيڪڏهن صاف هوندو تہ ان جو اسلوبِ بيان بہ صاف ۽ عام فهم هوندو پر جيڪڏهن هو ذهني بي ترتيبيءَ جو شڪار هوندو تہ ان جي تحرير الجهيل ۽ منجهائيندڙ هوندي.“(٢) شاهہ لطيف جو اسلوبِ بيان چٽو ۽ واضح نظر اچي ٿو. مٿي بيان ڪيل علي عباس جلالپوريءَ جي خيال جي روشنيءَ ۾ اسان کي شاهہ لطيف جو فڪر سڌو ۽ عام فهم محسوس ٿئي ٿو ۽ جنهن ۾ ڪا بہ جذباتيت ۽ فڪري انتشار موجود نہ آهي. هن پنهنجي رسالي اندر بيان ڪيل ڪهاڻين جي ڪردارن کي انهن جي نفسياتي مزاج مطابق آزاد ڇڏيو آهي ڪٿي بہ شعوري طرح هن پنهنجي ڪردارن کي پنهنجي تابع نہ بڻايو آهي تنهن ڪري اسان سندس مختلف ڪردارن کي جڏهن پرکيون ٿا تہ اهي سمورا هڪٻئي کان عليحده بيٺل نظر اچن ٿا جن جا پنهنجا مسئلا، خيال ۽ معاملا آهن. ڪردار، ڪهاڻيءَ موجب اهي سموريون ڳالهيون پاڻ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ شاهہ لطيف پنهنجن ڪردارن سان گڏوگڏ هلي ٿو. ڪٿي سسئي ڏونگر ڏوري ٿي، مارئي قيد ۽ بند ۾ عمر جون آچون نکرائي سانگين کي ساري ٿي، ڪٿي نوري نياز ۽ نوڙت سان ڄام کي پنهنجو پاڻ آڇي ٿي، ڪٿي ليلا هار تي هرکي ٿي، ڪٿي مومل، راڻي جي سڪ ۾ سومل کي اُن جي تصور ۾ ڏسي ٿي، ڪٿي وڻجاري جي وني ڪانڌ بنا ڪپاهن ۾ بہ جهپ نہ ساري ٿي ۽ آيل کي پڪاري پاڻ کي چيئن تي چڙهيل ڀانئي ٿي، اُتي سهڻي ڏَمَر هوندي ساهڙ پڪاري ٿي:

لَيا ڏِنَمِ لاَرَ، سَانبَاراَ سَاهَڙَ جَا،
هِنيُون هِتِ نَ وِندُري، ڏَرَاڙَانِئُون ڏَارَ،
مُنهِنجو مَنُ ميهَارَ، پَڳهِيو پَاڻَ ڳَري.
(ص ٢٧٨)

ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي هڪ مقالي ’شاهہ لطيف جي شعر ۾ سماجي اوسر جو تصور‘ ۾ لکي ٿو: ”شاهہ جون سڀ سورميون، سواءِ سهڻيءَ جي، مرد جي آڏو پنهنجي حيثيت ڪين برابر ٿيون سمجهن.“(٣) ڊاڪٽر صاحب جو هي نقطو بنيادي طرح منطق تي بيٺل نظر اچي ٿو، جنهن جي تفصيل ۾ هن پنهنجي مقالي اندر گفتگو پڻ ڪئي آهي، جنهن جو لب لباب اسان کي هيءُ نظر اچي ٿو: ” شاهہ لطيف





جنهن دور ۾ پيدا ٿيو، اهو زرعي سماج وارو دور هو. اُن وقت ۾ هلندڙ اخلاقي قدر ساڳيا ئي زرعي جاگيرداري سماج وارا هئا، جيڪي سنڌ ۾ صدين کان رائج هئا. سنڌ جُڳن کان ان نظام تي هلندي اچي. اجا تائين بہ سنڌ ۾ مشيني ۽ سرمائيداري سماج ۽ ان جا قدر، جمهوريت، حقيقت پسندي ۽ سيڪيولرازم رائج ٿي نہ سگهيا آهن.“(٤) پر باوجود ان جي شاهہ سائين، پنهنجن ڪردارن کي نئين فڪري ڏساءَ ۾ ظاهر ڪيو آهي. سهڻي هڪ اهڙو ڪردار آهي، جيڪو مروج اخلاقي قدرن موجب سماج اندر منفي طرح ظاهر ٿئي ٿو. هڪ پرڻيل عورت بظاهر پنهنجي مڙس جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي دل گهرئي پرينءَ سان ملڻ وڃي ٿي. ڇا اهو عمل اڄ جي دور ۾ کهڙي سطح تي جائز تصور ڪيو ويندو يا عرفِ عام ۾ سهڻيءَ لاءِ ’ڪاري‘ جهڙو لفظ استعمال ڪري سگهجي ٿو؟

شاهہ لطيف جنهن دور ۾ پيدا ٿيو، يقيناً اهو دور ننڍي کنڊ اندر زرعي سماج وارو دور هو، جنهن ۾ مروج رسم رواج ۽ قانونن جي مخالفت يا ڀيڪڙيءَ جو تصور موجود نہ هو، خود شاهہ عبداللطيف هڪ سيد گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. ان دور اندر هڪ باغيانہ ۽ مزاحمتي سوچ رکندڙ هڪ نوجوان جي حيثيت سان پنڌ ڪرڻ شروع ڪيائين. ” يقيناً هن جي اُن ذهني اوسر ۾ سندس والد حضرت شاهہ حبيبؒ ۽ ان دور جو عالم ۽ شاعر حضرت مبين شاهہ عنات رضوي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.“(٥)

شرعي حوالي سان ڇا سهڻي پرڻيل عورت هئي؟ نڪاح جي شرعي ۽ سماجي حيثيت ڇا آهي؟ بنيادي طرح نڪاح راضپي تي ٻڌل، ٻن مخالف جنسن يعني مرد ۽ عورت جي وچ ۾ رضامنديءَ وارو معاهدو آهي، جنهن تحت هي ٻئي پاڻ ۾ گڏ رهڻ ۽ پنهنجن خواهشن خاص طرح جنسي خواهش جي تڪميل بہ ڪرڻ جا اختيار رکن ٿا، تنهن لاءِ لازم آهي تہ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ رضامنديءَ جو سلسلو قائم ٿيل هجي. علامہ سيد بديع الدين شاهہ راشدي ، قرآن پاڪ جي لکيل پنهنجي تفسير ’بديع التفاسير‘ جلد ٦ ۾ سورة النساء جي آيت نمبر ٤ جو تفسير ڪندي لکي ٿو: ”مَا طَابَ لَکُم ۾ اشارو آهي تہ نڪاح کان اڳ ۾ ان عورت کي ڏسي سگهجي ٿو. ان بابت حديثون بہ آهن: جابرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو تہ جنهن مهل اوهان مان ڪو عورت سان نڪاح جي گهر ڪري تہ جيڪڏهن ٿي سگهي تہ ان ڏانهن ايترو ڏسي جو ان سان نڪاح جي رغبت ڏياري. مخبره بن شبرؓ کان روايت آهي تہ مون هڪ عورت ڏانهن نڪاح لاءِ پيغام موڪليو. رسول اللهﷺ مون کي فرمايو تہ ڇا تو ان کي ڏٺو

آهي؟ مون عرض ڪيو ته نه. پاڻ فرمايائون ته وڃي ڏس جو ان طرح سان اوهان جي پاڻ ۾ الفت ٿيندي.“[٦] حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته: ” بيوه عورت جو نڪاح ان جي اجازت کان سواءِ نه ڪيو وڃي ۽ نه ڪنواريءَ جو نڪاح ان جي اجازت کان سواءِ ڪيو وڃي. اصحابن پڇيو يا رسول الله ﷺ ڪنواريءَ جي مرضي ڪيئن سمجهجي. پاڻ فرمايائون: ’ان جو خاموش رهڻ هاڪار آهي.‘“[٧]

سهڻيءَ جي ڪهاڻيءَ موجب، ان جي شادي ان جي راضپي کان سواءِ ٿي آهي. هن ڪڏهن به ڏم کي، پنهنجي زندگيءَ جو ساٿي نه سمجهيو. ڪهاڻيءَ موجب سهڻي ، ميهار جي هٿئون شاديءَ جي رات ئي جڏهن کير پيتو ته هن جي پريت جو پيچ ميهار سان جڙي پيو، جنهن ۾ نه ته سهڻي بااختيار هئي، نه ئي ميهار. چاڪاڻ جو نينهن جو ناتو پهرين مقرر ٿيل شعوري حدبنديءَ جو محتاج نه هوندو آهي.

ميهاران مَهي، پيتائين پريمَ ڪي،
اُرڪَ سُرڪَ سَيَدُ چَئي ، ڏِنِيَس ڏوتَ ڏُهي،
سَگهي تان نَه سَهي، مِلي جان نَه ميهارَ ڪي.
(ص ٢٥٤)

ميهارَان مِرڪَ، پِيتَائِين پريمَ ڪِي،
تنهن مُنڌَ مَتوالِي ڪِي، سَندي سَاوَ سُرڪَ،
لَڳِيَسِ ڪَامَ ڪِڙڪَ، لوهَان تِڪي لطيف چَئي.
(ص ٢٥٣)

سهڻي سرتين جي مهڻن تي چئي ٿي:

وَهَ تِڪَ، وَاهُڙَ تِڪَ، جتِ نِينهُن تڪَ نِرَالِي،
جَنڪي عِشقُ عَمِيقَ جو، سي خِلوَتَ خِيَالِي،
وَارِيين سي وَالِي، هِينئڙو جَنِي هَتِ ڪِئيو.
(ص ٢١٧)

صُورتَ سَاهڙ جِي، اَئِين جي ڏِسو سَيِيئِي،
سُمَهو ڪِينَ سُکَ تِي، وَرَ پَاسو ڏيئِي،
مُونهَان اَڳِيئِي گهڙو سَپِ گهَڙَا ڪِٽِي.
(ص ٢١٨)





صُورَتَ سَاهڙَ جَامَ جِي، ڏِٺِي جَن هيڪَارَ،
سُتيُون ڪِينَ سُکِ تِي، پِرِي سَانُ پِتَارَ،
گهِڙِيُون گهَڙَنِئَان ڏَارَ، ڪَاهي پيِيوُن ڪُنَ ۾.
(ص ٢١٨)

**تجزيو:**

سهڻي، شاهه لطيف وٽ بنيادي طرح علامتي ڪردار آهي، جيڪا وقت جي مروج رواجن، مدي خارج قاعدن ۽ قانونن جي مخالفت ڪري ٿي. هوءَ ڪنهن به اهڙي سودي يا عمل کي قبول نه ٿي ڪري، جيڪو شخصي آزادي ۽ ڪائنات جي مقرر ڪيل انسان جي مرتبي کي متاثر ڪري. هوءَ فرد جي جسماني توڙي ذهني غلاميءَ کي ڪنهن به طرح قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. هوءَ بنيادي طرح ان نقطي جي پيروڪار آهي، جنهن مطابق فرد پنهنجي حياتي گذارڻ، پنهنجي ذاتي پسند ۽ ناپسند جا اختيار رکي ٿو ۽ ان تحت ئي ڪيس، هر مروج مدي خارج نظام سان اختلاف رکڻ جو به بنيادي حق حاصل آهي. هي عمل جيتوڻيڪ اهڙي فرد لاءِ ڏکيو، ڪٺن، دشوار ۽ ٿڪائيندڙ ٿئي ٿو، پر جڏهن انسان وٽ پنهنجي سوچ صاف ۽ واضح آهي ۽ هن جي نظر ۾ هن جو مقصد اوليت حاصل ڪري ٿو، جيڪو گهڻائيءَ جي فائدي ۽ بهتريءَ جو سبب ٿئي ٿو، ان جي اندر ۾ ان جو حوصلو ئي بنيادي طرح ان جي سگهه بڻجي ٿو ۽ جڏهن مقصد سهڻيءَ جيان ايترو مضبوط هجي، ته پوءِ درياءَ جي دهشت ۽ ڪُنن جا ڪڙڪا هن کي لحظي لاءِ به پنهنجي مقصد تان هٽائي نه ٿا سگهن:

دَهشَتَ دَامَ دَرِيَاهَ ۾، جتَ هَيبَتُ هُلاَچو،
وِرچِي وِيرِنِ وِچَ ۾، ڪَاڏي وِئو ڪَچو،
سَاهَڙُ جَامُ سَچو، سَاٿِي ٿِيندُمَ سِيرَ ۾.
(ص ٢٣١)

دهشَتَ دَامر دَرِيَاهَ ۾، جتِ لُڙُ لَهرِيُون لَسَ ليٽَ،
(ص ٢٣٤)

دَهشَتَ دَامَ دَرِيَاهَ ۾ جتِ ڪُنَنِ جو ڪَڙَڪو،
(ص ٢٣٤)

ڏَڏِڪا ڏورَ دَرِيَاهَ ۾، جَڏِهين ڪَڙَڪا ڪُنَ ڪِيَاءِ،

(ص ٢٤٦)

۽ جڏهن ارادو ايترو مضبوط هجي، جو درياهه جي دهشت ۽ ڪُنن جا ڪڙڪا پنهنجي ارادي تان هٽائي نه سگهن ته. اهڙي سفر ۾ حالتون اجا وڏيڪ خراب ٿيڻ جا خدشا موجود هوندا آهن. سهڻي اهڙن حالتن مان به پار پئي ٿي، علامتي طور پٽائي انهن تڪليفن کي سهڻيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ هن طرح بيان ڪري ٿو:

سِهَ سِيَارو پَاڻِي پَارو، جِتِ جُهڙُ جهڪِّهُ ۽ جهولَ،

(ص ٢٤١)

پر سهڻي  سخت سياري ۾، جڏهن پاڻيءَ تي به پارو ڄمي وڃي ۽ مٿي آسمان تي ڪڪر ڇانئجي وڃن ۽ پاڻيءَ جو ڪڙڪاٽ هانءُ ڏاري وجهي، اُن حالت ۾ پنهنجي مقصد تان پوئتي نٿي هٽي ، ڇو ته:

مَنَ اَندَرِ ميهَارَ جَا،   هِينئَڙي اَچَنِ هولَ،
جيلاَن ٻَڏِيَسِ ٻولَ ، تي اَڙَانگاَ آرَ تَراَن.

(ص ٢٤٢)

شاهه لطيف، اهڙي ڏکئي اڙانگي سفر ۾، ايندڙ تڪليفن کي ڪيترين ئي علامتن سان پيش ڪيو آهي:

ڪَارِي راتِ ڪَچو گهَڙو، اُوڙَتِيهِين اُونداهِي،
چَندَ نَالو نَاهِ ڪو، دَرِيَاهَ دَڙَ لاَئِي،
سَاهَڙَ ڪَارَڻِ سُوهَڻِي، آڏِيءَ تي آئِي،
اِيءُ ڪَمُ اِلاَهِي، نَه تَه ڪُنِ ۾ ڪِيرَ گهِڙي.

(ص ٢٧١)

هتي ڪاري رات ۽ ڪچو گهڙو سختي، تڪليف، دشواريءَ جي علامت آهي، پر جي ارادو مضبوط آهي، حياتيءَ جو مقصد منزل تي پهچڻ آهي ته پوءِ جيئڻ مرڻ، جاڳڻ سمهڻ، کائڻ پيئڻ، گهمڻ ڦرڻ ،کامڻ پچڻ، پڄرڻ، سوچڻ لوچڻ: جي آهي ته مقصد جي حاصلات لاءِ:





اَدِيُون سَبِ اَندَامَ، مُنهِنجا ڇَڙَنِ ڇورِئَا،
لاَرُنِ جَا لَنءُ لاَئِي، سَا ڪِيئَن آچِيَان عَامَ،
لَڳِيَسِ جَنهِن جي لاَمَ، سو دِلاَسا دوس مُجي

(ص ٢٤٨)

هن جي اندر ۾ عشق ائين تحليل ٿي ويو آهي، جئين ماڻي منجهه مهي، هن جا سڀ انگ ڇڙن جي ڇرڻ سان لزرش ۾ اچن ٿا، پر سهڻي چئي ٿي ته هي جيڪا محبت ڇڙي جي لار مون ۾ جاڳائي آهي سا ڪيئن آئون سليان، اها ته سلي نٿي سگهجي، آئون ڪيئن ڪنهن تي يقين ڪريان. هوءَ پنهنجي عشق ۾ ان نهج تي پهتل آهي، جتي هن جي تئونس مها ساگر به نٿو اجهائي سگهي، هوءَ ته هن پار اکيون پير ڪري ٿي وڃي:

اکِيُون پيرَ ڪري، وَڃِجي پَرَ وَڃِجي،
سُپيريَان جِي ڳَالهَڙِي،ڪَنهن سَان ڪِينَ ڪِجي،
لِڪَائي لوڪَ کَان، ڳوتَان ڳُجهَڙِي نِجي،
مَحبَتِيءَ ميهَارَ جو، سُورَ نَه ڪِنهِن سَلِجي.

(ص٢٧٩)

هوءَ پنهنجي مقصد سان ايتري ته سچي آهي، جو مري ته به ان مقصد جي حاصلات لاءِ:

جي ٻُڏَان تَه ٻَنِ، مَرُ اولِجَان اُنَ يَارَ ڏي،
ڪَنڌِيءَ مَٿَان سُپرِينِ، مَان نَه ٻَرِ ٻَرِ ڪَنِ،
ميَائِي سين تَنِ، جيڪَرَ اُتِي اِوريَان.

(ص ٢٦٤)

اهڙي اڙانگي سفر ۾ ساٿ ڏيڻ وارا بنهه گهٽ هوندا آهن. ڪنهن وڏي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هجوم ته گڏ ٿيو وڃي، پر جڏهن تڪليف اچي ٿي ته ڪيترائي ساٿ ڇڏي وڃن ٿا:

ڪَدِئَا جي ڪُلاَلَ، سي پَسِي خَالَ خُوشِ ٿِي،
پَاڻِيءَ چِٽَ پُسائِيَا، ڊِاءَ نَه جَهِلي ڏَمَالَ،
سُپَڪَ ڀَانيَان سُوهِڻِيءَ، جوڀَنَ جي جَمَالَ،
آکِي جَا احوَالَ، مَعلُومُ ٿِئَا مَهرَاڻَ ۾.

(ص ٢٨٣)

جڏهن قافلو هليو تڪليفون، اذيتون، پريشانيون ۽ مصيبتون اچڻ شروع ٿيون ته ڪيترائي پنڌ جا راهي پنهنجن ارادن ۾ همت هاري ويٺا، پر شاهه سائين، سهڻيءَ کي ايترو ته مضبوط اٽل ۽ باهمت ڪري پيش ڪيو آهي جو سمورين تڪليفن جي باوجود اڪيلي هوءَ درياهه ۾ پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان آهي. شاهه سائين همت ۽ جدوجهد واري هن علامت کي هڪ نرالو رنگ به ڏنو آهي ته، چا به ٿي وڃي، مقصد تائين پهچڻ واري پنڌ ۾ حوصلي جي تازگي شروعات کان آخر تائين ساڳي رهڻ گهرجي. حالتون چا به هجن، ڏکيائون ڪيتريون به پيش اچن. پنڌ ۾ پل اڪيلو رهجي وڃجي پر هڪ ته نااميد نه ٿجي ۽ پيو ته هئي جو آسرو نه ڪجي:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري ، پڇون نهاري پنگُ،
سرُ درقدمِ يار فِدا شُد چہ بَجَا شُد، وَصُلَ اهو ئِي وَنگُ،
رَاتِ جَنِي جو رَنگُ، اللّٰهَ سي اُڪَارِئِين.
(ص ٢٢٠)

شاهه لطيف وٽ عشق سڀ کان اعليٰ آهي ۽ جي مقصد سان اهو عشق ڳنڍجي وڃي، ته پوءِ اهو پنهنجي معراج تي ضرور پهچندو، تڏهن ئي ته مقصد کي حاصل ڪرڻ وقت، جي سر به يار جي قدمن تي قربان ٿي وڃي ته ڪا وڏي ڳالهه نه آهي . هتي ته رات جي رنگ جو اصطلاح خاموشي، لڪ، اڪيلائي، يا ائين ڪٿي چئجي پردي طور آندو ويو آهي. شاهه لطيف، جتي سهڻيءَ کي علامت طور آندو آهي، اتي هو حسين بن منصور حلاج کي به مزاحمت جي علامت طور پيش ڪري ٿو:

سَيَتِ پَچَرَ پرينءَ جي، سَيَتِ هوتَ حُضُورُ،
مُلڪُ مِڙيئِي مَنصُورُ، ڪُهِي ڪُهِبَا ڪيتِرَا.
(ص ٢٨٩)

منصور توڙي سهڻي، مزاحمت ۽ انقلاب جي علامت طور آندا ويا آهن. شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ مال چاريندڙ هيٺين طبقي جي ڪردارن کي ڳايو آهي. مهاڻا (نوري)، ڌوبي (سسئي)، ٿري (مارئي)، پٽ پان ، وڃتا فقير سماجي طور تي نظر انداز ٿيل ڪردار آهن، جن کي اهڙي انداز سان پيش ڪيو ويو آهي، جو اهي ئي ڪردار نه رڳو اعلي فڪر ڏئي رهيا آهن، پر اهي پاڻ به عظيم بڻجي ويا آهن. شاهه جو اهو شعور سندس پنهنجي دور ۾ مزاحمت جو درس ڏئي ٿو، هو بظاهر ڪمزور، ڏتڙيل ڪردارن





جي ذريعي تبديلي، جدوجهد، مزاحمت ۽ انقلاب جي ڳالهه ڪري ٿو. سهڻي به هن جو اهڙو ڪردار آهي، جيڪو عشق ۽ مزاحمت جي معراج تي پهتل نظر اچي ٿو، جيڪو ڪردار بظاهر ته هڪ پرٽيل عورت جو آهي. سهڻي، مڙس هوندي رات جي اونداهيءَ ۾ دريا ٽپي ميهار سان ملڻ وڃي ٿي، پر حقيقت ۾ هوءَ مروج مدي خارج روايتن سان بغاوت، مزاحمت، تبديلي ۽ روشن خياليءَ جي علامت آهي:

وَرُ اُونداهِي رَاتَڙِي، چَانڊوڻِي چانڊا،
اوري ميهَارا، مُنهُن مَ پَسَان ڪو ٻئو.
(ص٣٠١)

سَاهَڙ ڏَارَان سُوهَڻِي، نِسورِي نَاپَاڪَ،
نَجَاسَتَ نَاهِ ڪَرِي، اُنِي جِي اوطَاقَ،
هُوءَ جي ڪِيرَ پِيَاڪَ، پَاسي تَنِي پَاڪَ ٿِئِي.
(ص٢٩٩)

سهڻي، ڏمر کي ڪوڙو ۽ ساهڙ کي سچو سمجهي ٿي، يعني ساهڙ هن جي منزل آهي ۽ ڏمر اهو ڏانوڻ، جيڪو منزل ڏانهن پنڌ ڪرڻ وارن جي پيرن ۾ فرسوده نظام جي صورت ۾ وڌو وڃي ٿو، پر جي سهڻيءَ جيان مقصد واضح آهي ته حوصلو سگهه بخشي ٿو ۽ هي سموريون تڪليفون، جيڪي پٿائي علامت طور پيش ڪيون آهن، انسان انهن سمورين تڪليفن کان پار پئي، ان جاءِ تي پهچي ٿو جتان کان انسان جي فڪري، شعوري ۽ شخصي آزاديءَ جي شروعات ٿئي ٿي ۽ نتيجي ۾ فڪري باليدگي پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ ذهني انتشار کان پاڪ فرد پيدا ٿئي ٿو، جيڪو ڪوجهائپ، اونداهه، نفرت کان ڪوهين ڏور خوشبو، روشني ۽ تازگيءَ ڏانهن وڌي ٿو ۽ هڪ اهڙو معاشرو جوڙي ٿو يا جوڙڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو، جيڪو سچ، سونهن ۽ سرهاڻ تي جڙيل هجي:

جهڙَا گُلَ گُلاَبَ جَا، تهڙَا مَٿِن ويسَ،
چوٽَا تيلَ چَنبيلِئا، هَاهُوءَ جي هُميشَ،
پَسِيو سُونهَن سَيَدُ چَئِي، نينهَن اَچَن نيشَ،
لاَلَڻَ جي لِبيسَ، آتَڻِ اڪرُ نَہ اُڃهي.
(ص ٤٢٨، ج:٢)

**نتيجو:**

سهڻي، شاهه لطيف جي سمورن عورت ڪردارن ۾ اهڙو ڪردار آهي، جيڪو بظاهر ته منفيت جو تاثر ڏئي ٿو، پر اُهو پنهنجي فڪر جي ڳَر ۾ انتهائي اهم ۽ رسالي جي ٻين سمورن ڪردارن کان الڳ ٿلڳ ۽ مٿانهون بيٺل آهي. شاهه هن ڪردار ۾ پنهنجي فڪري اوج ۽ عروج تي بيٺل نظر اچي ٿو. سهڻيءَ جي ڪردار کي بغاوت، تبديلي،مزاحمت ۽ انقلاب جي علامت طور پيش ڪري، عشق جو معراج ثابت ڪيو ويو آهي، ته جهڙي طرح هڪ نظرياتي، اصول پسند ۽ ايماندار شخص، ڪوڙ، دوکي، دولاب جي بازار ۾ هميشه اڪيلو بيٺل نظر ايندو ۽ ڪيس ايتريون ئي تڪليفون، مصيبتون ۽ ذهني عذاب به برداشت ڪرڻا پوندا، جيترريون ڏکيائون سهڻي، ميهار تائين پهچڻ ۾ سَٺيون. هڪ بااصول شخص پنهنجي فڪر جي ڏِڍ تي جيتريون تڪليفون برداشت ڪري ٿو، اوتروئي هو ذهني، فڪري طور تي مضبوط ٿئي ٿو ۽ پوءِ پنهنجي مقصد جي حاصلات ڏانهن وڌندو رهي ٿو. سهڻي به اهڙو ئي ڪردار آهي، جيڪو مروج مدي خارج روايتن ۽ رسمن جي خلاف ڀرپور طريقي سان مزاحمت ڪري ٿو ۽ درياءُ جي لهرن ۾ لُڙهي پنهنجي مقصد کي حاصل ڪي ڪري ٿو.

شاهه لطيف، سهڻيءَ جي ڪردار ذريعي پنهنجي دور ۾ ٿيندڙ عورتن جي استحصال جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري تبديليءَ جا مثال قائم ڪري ٿو، ته ٻئي طرف سنڌ جي هزارن سالن جي روشن خيال سماج جي پڻ نمائندگي ڪري ٿو.

## حوالا


۱. جي ايم سيد، ’پيغامِ لطيف‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۱۹۸۸ع، ص ۱۳۵.

۲. جلالپوري، علي عباس، خردنامه جلالپوري، تخليقات لاهور، ۲۰۰٦ع، ص ۳۷.

۳. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جي شعر ۾ سماجي اوسر‘، (مقالو)، شامل: شاهه لطيف بحيثيت مفڪر، مرتب: آفتاب ابڙو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ۱۹۹۳ع، ص ۱۰۲.

۴. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جي شعر ۾ سماجي اوسر‘، (مقالو)، شامل: شاهه لطيف بحيثيت مفڪر، مرتب: آفتاب ابڙو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ۱۹۹۳ع، ص ۱۰۰.

۵. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’شاهه جو رسالو‘، (جلد ۹، ۸)، علامه قاضي رسالو تحقيق رٿا ۽







اشاعت، ۱۹۹۹ع، ص ۱۰.

٦. راشدي، سيد ابو محمد بديع الدين شاهه، علامه، بديع التفاسير، جلد ٦، جميعت اهل حديث سنڌ، ۱۹۹۵ع، ص ۲٦.

۷. تجريد بخاري: (اصل عربي ۽ اردو ترجمو)، ملڪ دين محمد اينڊ سنز لاهور، ص ۸۸۰.


• مقالي ۾ شامل سمورا بيت مانواري ٻانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل ’شاهه جو رسالو‘ ڇپائيندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، سال ۲۰۰۰ع تان ورتا ويا آهن.